هزارين/هزار	ہزاریں/ہزار	ہزاروں/ہزار	سوين/سو	سویں/سو	سینکڑوں/سو
فيت	فِیت	لیس	سُئي	سُئی	سوئی
ڪندا آهن	کندا آہن	کرتے ہیں	ٿئي ٿو	تھئے تھو	ہوتا ہے

سنڌي	تلفظ	معنیٰ	سنڌي	تلفظ	معنیٰ
جهٽ	جھَٹ	جلدی	سنڀالي	سنبھالے	حفاظت سے
سوگهو	سوگھو	مضبوط	لکين، لک	لکھیں/لکھ	لاکھوں/لاکھ
ڀاڙو	بھاڑو	کرایہ	سڀڪنهن	سبھ کنہ	ہر ایک
وٺندا آهن	وٹھندا آہن	لیتے ہیں	وڪامنديون	وکامندیوں	بکتی
اک ڇنڀ	اکھ چھنبھ	پلک جھپکتے	لهو	لہو	اترو

گرامر ٦

صفتیں

انداز	سنڌي لفظ	ايترو/ايترا	اوترو/اوترا	جيترو/جيترا	ڪيترو/ڪيترا
	اردو معنیٰ	اِتنا/اتنے	اُتنا/اُتنے	جِتنا/جتنے	کِتنا/کتنے
قد	سنڌي لفظ	ايڏو	اوڏو	جيڏو	ڪيڏو
	اردو معنیٰ	اِتنا	اُتنا	جِتنا	کِتنا
قسم	سنڌي لفظ	اِهڙو	اهڙا	جهڙو/جهڙا	ڪهڙو/ڪهڙا
	اردو معنیٰ	ایسا	ایسے	جیسا/جیسے	کونسا/کونسے

سبق ۱۴
ملاقات

سنڌي	اردو
ادا، انور هن گهٽيءَ ۾ رهندو آهي ڇا؟	بھائی جان، کیا انور اس گلی میں رہتا ہے ؟
هائو. هو ته منهنجو سوٽ ٿئي.	ہاں! وہ تو میرا چچازاد بھائی ہے.
سندس گهر ڪهڙو آهي؟	اس کا گھر کونسا ہے ؟
اُها اڇي جاءِ هن جي آهي.	وہ سفید مکان اس کا ہے.
هو هينئر گهر ۾ هوندو؟	وہ اس وقت گھر میں ہوگا ؟
الائي!	شاید
اجهو، انور جو ڀاءُ اچي پيو.	وہ انور کا بھائی آرہا ہے.
ڀلا، هن کان پڇون؟	آؤ، اس سے پوچھیں ؟
ڀلي پڇو.	ہاں اس سے پوچھئے.
توهان ڪرسيءَ تي ويهو	آپ کرسی پر بیٹھیں
نه ادا، مان تکڙو آهيان	نہیں بھائی، مجھے جلدی ہے
اڪبر، انور جي دوست سان ملو	اکبر! انور کے دوست سے ملئے.
اچو، ميان رشيد، ڪٿي آهيو؟	آئیے جناب رشید، کہاں ہو ؟

سنڌي	اُردو
ادا، انور سان ضروري ڪم اٿم ڀلا هو گهر ۾ آهي؟	بھائی صاحب، مجھے انور سے ایک ضروری کام ہے، کیا وہ گھر میں ہے؟
هائو، اڃا آيو.	ہاں! ابھی آرہا ہے۔
ڇا پيو ڪري؟	کیا کر رہا ہے؟
وهنجي پيو!	نہا رہا ہے!
وهنجي ڪپڙا پائي هليو ايندو.	نہا دھو کر کپڑے پہن کر آجائے گا۔
ڀلا، ڪيترو وقت انتظار ڪريان؟	اچھا! کِتنی دیر اور اِنتظار کروں؟
پنجن منٽن ۾ ضرور ايندو	پانچ منٹ میں ضرور آجائے گا!
رشيد ادا، تون ته ٿلهو متارو ٿيو آهين.	رشید بھائی، تم تو خُوب موٹے ہوگئے ہو۔
هائو ادا، سنڌ ۾ کاڌي پيتي جون سڀ سهولتون موجود آهن.	ہاں بھائی، سندھ میں کھانے پینے کی سب سہولتیں موجود ہیں۔
آب و هوا ۾ به فرق آهي.	آب و ہوا میں بھی فرق ہے
سڀ نج شيون ملن ٿيون	سب چیزیں خالص ملتی ہیں۔
ڪراچي جي آب و هوا گهميل آهي	کراچی کی آب و ہوا مرطوب ہے۔
شهر جي هر شيءِ ۾ ملاوت آهي	شہر کی ہر چیز میں ملاوٹ ہے۔
چئين سچ ٿو.	سچ کہتے ہو۔
سنڌ جي آب و هوا خشڪ آهي.	سندھ کی آب و ہوا خشک ہے۔

سنڌي	اردو
ڪم ڌنڌا گهٽ آهن پر تہ بہ اُهي سکيا آهن .	کاروبار معمولی ہے پھر بھی لوگ آسودہ حال ہیں .
اڄهو، انور آيو، الله واهي .	وہ انور آگیا، خدا حافظ .
ميان انور ڪٿي آهين، گهر ۾ لڪي ويٺو آهين ڇا؟	جناب انور، کہاں ہو؟ کیا گھر میں چھپ کر بیٹھے ہو؟
ادا رشيد، ڀلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا .	بھائی رشید خوش آمدید، سلامت رہو .

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنی	لفظ	تلفظ	معنیٰ
گِهٽي	گِھٹی	گلی	رهند ٓي	رہندو آہے	رہتا ہے
سوٽ	سوٹ	چچازاد بھائی	سندس	سندس	اس کا
جاءِ	جاءِ	جگہ، مکان	پڇون	پُچھوں	پوچھیں
مِلو	مِلو	ملیے	ڪٿي آهيو	کتھے آہیو	کہاں ہو
اڄهو	اِجھو	ابھی	وهنجي پيو	وہنجے پیو	نہا رہا ہے .
کاڌي پيتي	کھادھے پیتے	کھانے پینے	رَڄ	رَنج	خالص
چئين	چئیں	تم کہتے ہو	گهٽ	گھٹ	معمولی، کم
الله واهي	اللہ واہی	خدا حافظ	لڪي	لکی	چھپ کر

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
ھائو	ہاؤ	ہاں	ٿلهو متارو	تھلہو متارو	موٹا۔ فربہ
اڇي	چھی	سفید	گهميل	گھمِ یَل	مرطوب
پڇس	پُچھوس	اس سے پوچھو	سُکيا	سکھیا	آسودہ
اٿم	اٿھم	مجھے ہے	ڀلي ڪري آيا	بھلی کرے آیا	خوشِ آمدید

سبق ۵

پھلوں کی دکان

سنڌي	اردو
اچو سائين ڇا کپيوَ ؟	آئیے، جناب کیا چاہیئے ؟
هي انب تمام سٺا آهن .	یہ آم بہت اچھے ہیں ۔
ڀلا، چکي ڏسو	ذرا چکھ کر دیکھیے ۔
اُهي مٿي رکيل انب ڪيئن آهن؟	وہ اوپر رکھے ہوئے آم کیسے ہیں؟
ادا، اُهي اهڙا مزيدار ڪونهن	بھائی، وہ ایسے مزیدار نہیں ہیں۔
انهن مان ڪيترائي ڪچا ۽ کٽا آهن .	ان میں سے کتنے ہی کچے اور کھٹے ہیں ۔
اِهي هيٺ رکيل صوف ڪيتري سير ؟	یہ نیچے رکھے ہوئے سیب کتنے سیر ؟

سنڌي	اردو
اڇا صوف سوا رپيا ۽ قندهاري صوف چئين رپيئي سير.	سفید سیب سوا روپے اور قندھاری سیب چار روپے سیر۔
انگور مٺا آهن يا کٽا؟	انگور میٹھے ہیں یا کھٹے؟
سائين اهي گلابي انگور تمام مٺا ۽ لذيذ آهن.	جناب یہ گلابی انگور بہت میٹھے اور لذیذ ہیں۔
ڀلا، اهي اڇا انگور ڪيئن آهن؟	اچھا یہ سفید انگور کیسے ہیں؟
سائين مون کي پسند ڪونهن.	جناب مجھے پسند نہیں ہیں
ڪيلا ڪيتري درجن؟	کیلے کتنے درجن؟
ٽي رپيا درجن آهن.	تین روپے فی درجن۔
تمام مهانگا آهن.	بہت مہنگے ہیں۔
ادا، موسم تي منحصر آهي.	بھائی جان موسم پر منحصر ہے۔
نارنگيون وٺو، تمام سٺيون آهن	سنگترے خرید لیجئے بہت اچھے ہیں
کٽيون ته ڪونهن؟	کھٹے تو نہیں ہیں؟
نه هرگز نه. هي سنگترو چکي ڏس.	نہیں ہرگز نہیں، یہ نارنگی چکھ کر دیکھئے
ڀلا، ڪاٺ گدرو ڪيتري سير؟	اچھا پپیتا کتنے سیر؟
اٺين آني سير!	آٹھ آنہ سیر!
اهي ٽي ڪاٺ گدرا توري.	یہ تین پپیتے تول دیجئے۔
اڌ درجن موسمبيون ۽ درجن	آدھی درجن موسمیاں اور ایک درجن

اردو	سندي
شریفہ ٹوکری میں ڈالیئے	سيتاڦل ٽوڪريءَ ۾ وجھ ۔
بھائی ذرا احتیاط سے رکھیے کہیں خراب نہ ہو جائیں	ادا سنڀالي رک ، متان خراب ٿين
پہلے پپیتے اور پھر ان پر شریفہ رکھیئے ۔	پھريائين ڪاٺ گدرا ۽ پوءِ انھن تي سيتاڦل رک
اچھا ٹوکری کا وزن تو کرو	ڀلا ٽوڪريءَ کي وزن تہ ڪر ۔
آپ کو اور کیا چاہیے ؟	وڌيڪ ڇا کپيوَ ؟
کیا ناشپاتیاں سستی ہیں ؟	ناسپاتيون سستيون آهن ؟
نو آنے سیر	نوين آني سير !
آپ سے آٹھ آنے لینگے ۔	اوهان کان اٺ آنا وٺبا ۔
سردا بھی بہت میٹھا ہے ۔	سردو بہ تمام مٺو آهي ۔
بس بھائی آپ کی مہربانی ۔	بس ادا ، اوهانجي مهرباني ۔
کل کتنے پیسے ہوئے ؟	جملي ڪيترا پيسا ٿيا ؟
نو روپے تیس پیسے ۔	نو روپيا ٽيھ پيسا ۔

مشکل الفاظ

معنیٰ	تلفظ	لفظ	معنیٰ	تلفظ	لفظ
نیچے	ہیٹھ	هيٺ	چاہیے	کھپےوَ	کپيوَ
اچھی	سُٹھیوں	سٺيون	رکھے ہوئے	رکھیل	رکيل

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنی
اٺين	اٹھیں	آٹھ	جملي	جملے	کل
وٺبا	وٹھبا	لے لینگے	مٿي	متھے	اوپر
وٺو	وٹھو	لے لو	ڪونهن	کونھن	نہیں ہیں
ڪٿين	کٹئیں	کیسے۔ کس طرح	مٺا	مٹھا	میٹھے
چئين	چئیں	چار	ڪاٺ گدرو	کاٹھ گدرو	پپیتا
سنگترو	سنگ ترو	نارنگی	سيتاڦل	سیتاپھل	شریفہ
اڌ	ادھ	آدھا	ٽيهه	ٹی ہ	تیس

گرامر ۷

زمان ماضي جو چارٽ

زمانِ ماضی کا چارٹ

		مذکر واحد	مؤنث واحد	مذکر جمع	مونث جمع
ضمیر متکلم	سنڌي	مون لکيو	مون لکيو	اسان لکيو	اسان لکيو
	اردو	میں نے لکھا	میں نے لکھا	ہم نے لکھا	ہم نے لکھا
ضمیر حاضر	سنڌي	تولکيو	تو لکيو	توهان لکيو	توهان لکيو
	اردو	تو نے لکھا	تو نے لکھا	آپ نے لکھا	آپ نے لکھا
ضمیر غائب	سنڌي	هن لکيو	هن لکيو	انهن لکيو	انهن لکيو
	اردو	اُس نے لکھا	اُس نے لکھا	انہوں نے لکھا	انہوں نے لکھا

سبق ٦

گفتگو نمبر ١

سنڌي	اردو
تنهنجو نالو ڇا آهي ؟	آپ کا نام کیا ہے ؟
منهنجو نالو جميل آهي	میرا نام جمیل ہے
تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي ؟	آپ کے والد کا نام کیا ہے ؟
منهنجي پيءُ جو نالو مراد علي آهي	میرے والد کا نام مراد علی ہے
هو ڇا ڪندو آهي ؟	وہ کیا کرتے ہیں ؟
هو بئنڪ ۾ منشي آهي	وہ بینک میں کلرک ہیں
تون ڇا ڪندو آهين ؟	آپ کیا کرتے ہیں ؟
مان پڙهندو آهيان	میں پڑھتا ہوں
ڪهڙي درجي ۾ پڙهندو آهين ؟	کونسی جماعت میں پڑھتے ہو ؟
مان ستين درجي ۾ پڙهندو آهيان	میں ساتویں جماعت میں پڑھتا ہوں
توکي ڪيترا ڀائر آهن ؟	آپ کے کتنے بھائی ہیں ؟
مون کي چار ڀائر آهن	میرے چار بھائی ہیں
تنهنجي ننڍي ڀاءُ جو نالو ڇا آهي ؟	آپ کے چھوٹے بھائی کا نام کیا ہے ؟
منهنجي ننڍي ڀاءُ جو نالو ظفر آهي	میرے چھوٹے بھائی کا نام ظفر ہے

سنڌي	اردو
هن جي عمر ڪيتري آهي ؟	اس کی عمر کتنی ہے ؟
هو ستن ورهن جو آهي	وہ سات برس کا ہے
هو ڪهڙي درجي ۾ پڙهندو آهي ؟	وہ کونسی جماعت میں پڑھتا ہے ؟
هو ٽئين درجي ۾ پڙهندو آهي	وہ تیسری جماعت میں پڑھتا ہے
تنهنجي ماءُ جو نالو ڇا آهي ؟	تمہاری امی کا نام کیا ہے ؟
منهنجي ماءُ جو نالو زينت آهي	میری امی کا نام زینت ہے
تنهنجا ڪيترا دوست آهن ؟	تمہارے کتنے دوست ہیں ؟
منهنجا چار دوست آهن	میرے چار دوست ہیں !
تنهنجا دوست ڇا ڪندا آهن ؟	تمہارے دوست کیا کرتے ہیں ؟
هڪڙو مون سان پڙهندو آهي	ایک میرے ساتھ پڑھتا ہے
باقي ٽي سنڌ مدرسي ۾ پڙهندا آهن	باقی تین سندھ مدرسہ میں پڑھتے ہیں
انهن جا نالا ڇا آهن ؟	ان کے نام کیا ہیں ؟
انهن جا نالا آهن اڪبر، سليم ۽ مُنوّر	ان کے نام ہیں، اکبر، سلیم اور مُنور
اڪبر جو پيءُ ڇا ڪندو آهي ؟	اکبر کا باپ کیا کرتا ہے ؟
اڪبر جو پيءُ ڊاڪٽر آهي	اکبر کا باپ ڈاکٹر ہے
باقي دوستن جا پيءُ ڇا ڪندا آهن ؟	باقی دوستوں کے باپ کیا کرتے ہیں ؟
هڪڙي جو پيءُ ماستر آهي ، مُنوّر	ایک کا باپ سکول ماسٹر ہے، مُنور

سندي	اردو
جوپيءُ دڪاندار آهي ۽ سليم جوپيءُ واپاري آهي !	کا باپ دکاندار ہے اور سلیم کا باپ تاجر ہے۔

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
نالو	نالو	نام	هڪڙو	ہکڑو	ایک
ستين	ستیں	ساتویں	منهنجا	منہجا	میرے
ٽئين	ٹئیں	تیسری	درجو	درجو	جماعت
انهن جا	انہن جا	ان کے	توهانجا	تنہجا	تمہارے
ڀائر	بھائر	بھائی (جمع)	واپاري	واپاری	تاجر
ننڍڙي	ننڈھے	چھوٹے	ننڍو	ننڈھو	چھوٹا

گرامر ۸
زمانِ مستقبل

مان پڙهندس	میں پڑھوں گا	متکلم واحد	مان لکندس	میں لکھوں گا
اسين پڙهنداسين	ہم پڑھیں گے	متکلم جمع	اسان لکنداسين	ہم لکھیں گے
تون پڙهندين	تو پڑھے گا	حاضر واحد	تون لکندين	تو لکھے گا
توهان پڙهندا	تم پڑھو گے	حاضر جمع	توهان لکندا	تم لکھو گے

وہ لکھے گا	هو لکندو	غائب واحد	وہ پڑھے گا	هو پڙهندو
وہ لکھیں گے	اُهي لکندا	غائب جمع	وہ پڑھیں گے	اُهي پڙهندا

سبق ۷

گفتگو ۲

سنڌي	اردو
هٿ ۾ ڇا اٿيئي ؟	تمہارے ہاتھ میں کیا ہے ؟
ڪتاب اٿم	میرے پاس کتاب ہے !
نالو ڇا اٿس ؟	اس کا نام کیا ہے ؟
نالو سنڌي بول چال اٿس	اس کا نام "سندھی بول چال" ہے !
قيمت ڪيتري اٿس ؟	اس کی قیمت کتنی ہے ؟
قيمت مناسب اٿس !	اس کی قیمت مناسب ہے !
وري به ؟	پھر بھی ؟
فقط چار روپيا اٿس !	صرف چار روپے ہے !
هن ۾ ڪل ڪيترا صفحا آهن ؟	اس میں کل کتنے صفحے ہیں ؟
هن ۾ اٽڪل هڪ سو سٺ صفحا (۱۶۰) آهن !	اس میں تقریباً ایکسو ساٹھ (۱۶۰) صفحے ہیں !
قيمت ڪٿي لکيل اٿس ؟	اس کی قیمت کہاں لکھی ہوئی ہے ؟

سنڌي	اردو
قيمت پهرين صفحي تي لکيل اٿس !	اسکی قیمت سرورق پر لکھی ہوئی ہے !
لکندڙ جو نالو ڪٿي لکيل آهي ؟	مصنف کا نام کہاں لکھا ہُوا ہے ؟
لکندڙ جو نالو به انهي صفحي تي لکيل آهي	مصنف کا نام بھی اُسی صفحہ پر لکھا ہوا ہے !
هن ۾ تصويرون آهن ڇا ؟	کیا اس میں تصویریں ہیں ؟
نه ! هن ۾ تصويرون ڪو نهن !	نہیں ! اس میں تصویریں نہیں ہیں !
توهان هي ڪتاب پڙهيو آهي ؟	کیا آپ نے یہ کتاب پڑھ لی ہے ؟
هائو ادا ، مان هي ڪتاب پڙهي سنڌي سکيو آهيان !	ہاں بھائی ، میں نے یہ کتاب پڑھ کر سندھی سیکھی ہے !
سنڌي مشڪل زبان آهي ڇا ؟	کیا سندھی مشکل زبان ہے ؟
نه ادا نه ، سنڌي تمام سولي زبان آهي !	نہیں بھائی نہیں ، سندھی نہایت آسان زبان ہے !
مان انهي زبان کي سولائي سان سکي سگهندس ؟	کیا میں یہ زبان آسانی سے سیکھ سکتا ہوں ؟
هائو ، ڇو نه .	ہاں ، کیوں نہیں !
ڪئين سولائي سان سکي سگهندس ؟	کِس طرح آسانی سے سیکھ سکتا ہوں ؟
اوهان به اهو ڪتاب خريد ڪري پڙهو !	آپ بھی یہی کتاب خرید کر پڑھیں !

اردو	سنڌي
اس کے حروف باریک ہیں یا موٹے	اکر سنها اٿس يا ٿلها
اس کے حروف اچھے ہیں !	اکر موچارا اٿس
یہاں سے پڑھو	هتان پڙھ
کیوں ، تم پڑھ سکتے ہو یا نہیں ؟	ڪئين ، تون پڙهي سگهين ٿو يا نه ؟
ہاں بھائی ، میں آسانی سے اسے پڑھ سکتا ہوں ۔	هائو ادا ، مان سولائيءَ سان هن کي پڙهي سگهان ٿو !
میرے لئے ایک کتاب منگوائیے ۔	مون لاءِ هڪ ڪتاب گهراءِ ۔
یہ کتاب کہاں سے منگوائیں گے ؟	ڪٿان اهو ڪتاب گهرائيندين ؟
ہر کتب فروش سے یہ کتاب مل سکتی ہے ۔	سيڪنهن ڪتب فروش کان هي ڪتاب ملي سگهي ٿو ۔

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
اٿيئي	اٹھے ئی	تمہارے پاس ہے	گهراءِ	گھُراء	منگوائیے
اٽڪل	اَٹکل	تقریباً	اٿس	اٹھس	اسکے پاس ہے
سکيو	سِکھیو	سیکھا	لکندڙ	لکھندڑ	لکھنے والا
اٿم	اٹھم	میرے پاس ہے	گهرائيندين	گھرائیندیں	منگوائے گا
لکيل	لکھیل	لکھا ہوا	ٿلها	ٹھُلھا	موٹے

گرامر ۹

فعلِ حال

هو پڙهندو آهي	وه پڑھتا ہے	غائب واحد (مذکر)	هو لکندو آهي	وه لکھتا ہے
هوءَ پڙهندي آهي	وه پڑھتی ہے	” ” مؤنث	هوءَ لکندي آهي	وه لکھتی ہے
اُهي پڙهندا آهن	وه پڑھتے ہیں	” جمع (مذکر)	اُهي لکندا آهن	وه لکھتے ہیں
تون پڙهندو آهين	تو پڑھتا ہے	حاضر واحد ”	تون لکندو آهين	تو لکھتا ہے
توهان پڙهندا آهيو	تم پڑھتے ہو	” جمع ”	توهان لکندا آهيو	تم لکھتے ہو
مان پڙهندو آهيان	میں پڑھتا ہوں	متکلم واحد ”	مان لکندو آهيان	میں لکھتا ہوں
اسان پڙهندا آهيون	ہم پڑھتے ہیں	” جمع ”	اسان لکندا آهيون	ہم لکھتے ہیں

سبق ۸

ريل جي مسافري

ریل کا سفر

سنڌي	اردو
ادا، هتي ويهو.	جناب یہاں تشریف رکھیے
ريزرويشن جو ڇا ٿيو؟	ریزرویشن کا کیا ہوا ؟
ريزرويشن ٿي وئي !	ریزرویشن ہوگیا !

سنڌي	اردو
گرم پيئندو يا ٿڌو ؟	گرم پئیں گے یا ٹھنڈا ؟
ادا، مان چانهه پيئندس !	بھائی میں چائے پیوں گا !
ڊرائيور ڪٿي آهي ؟	ڈرائیور کہاں ہے ؟
چانهه پي رهيو آهي !	چائے پی رہا ہے
ٻلا، اسٽيشن هتان ڪيترو پري آهي ؟	اسٹیشن یہاں سے کتنا دُور ہے ؟
اٽڪل ست ميل پري آهي	تقریباً سات میل دُور ہے
هي سڀ سامان موٽر ۾ رک .	یہ سب سامان موٹر میں رکھو .
ٻلا واٽ ۾ تڪليف نه ڪانه ٿيندي ؟	کہیں راستہ میں تکلیف تو نہیں ہوگی ؟
هتان اسٽيشن تائين پڪي سڙڪ آهي !	یہاں سے اسٹیشن تک پکی سڑک ہے !
ڪيتري وقت ۾ پهچبو ؟	کب تک پہنچ جائیں گے ؟
اٽڪل اڌ ڪلاڪ ۾ !	تقریباً آدھے گھنٹہ میں !
هل بابا هل، وقت ٿورو آهي .	چلیئے جناب، وقت کم ہے .
چڱو ٻلا، تڪليف معاف ڪجو.	اچھا تکلیف معاف کیجئے .
ٽڪيٽ گهر ڪٿي آهي ؟	ٹکٹ گھر کہاں ہے ؟
هتان ٽڪيٽ وٺو	یہاں سے ٹکٹ لیجیے .

اردو	سنڌي
پہلے سامان تلواؤ پھر قلی سے فیصلہ کرو ۔	پھرياڻين سامان توراءِ پوءِ قلي سان فيصلو ڪر ۔
سامان احتیاط سے اتاریئے ۔	سامان سنڀالي لاهي وٺ ۔
سوٹ کیس پر بھاری سامان نہ رکھ	سوٽ ڪيس تي ڀاري سامان نه رک
جناب مسافرخانہ میں سامان رکھیں	سائين مسافرخاني ۾ سامان رکون
ارے یہ مسافرخانہ تو ویران ہے ۔	اڙي ، هي مسافرخانو ته ڦٽل آهي
مسافر بیچارے دھوپ میں بیٹھے ہیں	مسافر ويچارا اُس تي ويٺا آهن
درجہ دوئم کے مسافروں کیلئے کوئی انتظام نہیں ہے ۔	سيڪنڊ ڪلاس مسافرن لاءِ ڪو خاص انتظام ڪونهي ۔
کچھ مسافر اسٹیشن ماسٹر کے کمرے میں بیٹھے ہیں ۔	ڪي مسافر اسٽيشن ماستر جي ڪمري ۾ ويٺا آهن ۔
اچھا، کھانے پینے کا کیا انتظام ہے ؟	ڀلا کاڌي پيتي لاءِ ڪهڙو بندوبست آهي ؟
جناب کچھ بھی نہیں ہے ۔	سائين ڪجھ به ڪونهي !
خیر وقت گزر جائے گا ۔	خير ، وقت ويندو گذري ۔
جناب اٹھیے ، گاڑی آگئی ۔	سائين اُٿو ، ريل اچي ويئي ۔
قلی کہتا ہے کہ گاڑی جلدی چلنے والی ہے	قلي چيو ته ريل تڪڙي هلندي
یہ گارڈ ہے اس کے ہاتھ میں	هي گارڊ آهي ، هن جي هٿ ۾

سنڌي	اردو
جهنڊي آهي ۔	جھنڈی ہے ۔
پريان ٽڪيٽ جا چيڪ ڪندڙ بابو بيٺو آهي ۔	وہ ٹکٹ چیک کرنے والا بابو کھڑا ہے ۔
مان ڪٿي ويهان ؟ هت ته جاءِ ڪانهي ۔	میں کہاں بیٹھوں ؟ یہاں تو جگہ نہیں ہے ۔
اوهان هتي آرام سان ويهو ۔	آپ یہاں آرام سے بیٹھ جائیں ۔

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
ڇا ٿيو	چھا تھیو	کیا ہوا	ٿي ويئي	تھی وئی	ہوگئی
ٿڌو	ٹھڈھو	ٹھنڈا	پيئندس	پی ئندس	میں پیوں گا
ٿيندي	تھیں دی	ہوگی	پهچبو	پہچبو	پہنچے گا
هتان	ہتاں	یہاں سے	اڌ	ادھ	آدھا
لاهي وٺ	لاہے وٹھ	اتار دیئے	ڦٽل	پھٹل	ویران برباد
اُس	اُس	دھوپ	کاڌي پيتي	کھادھے پیتے	کھانے پینے
اُٿو	اُٹھو	اُٹھیے	تکڙي	تکڑی	جلدی
ٽڪيٽ	ٹکٹ	ٹکٹ	ويهان	وے ہاں	بیٹھوں
جاچيندڙ	جا چیندڑ	چیک کرنے والا	پيئندو	پی ئندو	پئیں گے

معنیٰ	تلفظ	لفظ	معنیٰ	تلفظ	لفظ
گذر جائے گا	وِیں دو	ويندو	راستہ	واٹ	واٽ
	گزری	گذري	کہاں	کِتھے	ڪٿي
بھنڈی	بھنڈی	ڀنڊي	تلواؤ	توراء	توراءِ
یہاں	ہت	هِت	بےچارے	وےچارا	ويچارا

سبق ۹

سچا دوست

اردو	سندي
رحیم میرا سچا دوست ہے۔	رحيم منهنجو سچو دوست آهي.
وہ مجھ سے محبت کرتا ہے۔	هو مون کي پيار ڪري ٿو
وہ شریفانہ انداز میں گفتگو کرتا ہے۔	هو شريفاڻي انداز ۾ گفتگو ڪندو آهي.
کبھی ہنسی مذاق سے دل بہلایا کرتا ہے۔	بعضي ڪل چرچو ڪري دل وندرائي ٿو
لیکن کسی سے مذاق نہیں کرتا۔	پر ڪنهن تي ٺٺولي نٿو ڪري.
وہ خوشامد کرنیوالوں سے نفرت کرتا ہے	هو خوشامدين کي ڌڪاري ٿو،
کیونکہ وہ خوشامد بالکل پسند	ڇو ته هو خوشامد بلڪل پسند

سنڌي	اردو
نٿو ڪري -	نہیں کرتا -
هو ڪنهن جي عيبن تي کلي نٿو -	وہ کسی کے عیبوں پر نہیں ہنستا -
سدائين هن جي دل ۾ خدا جو	اس کے دل میں ہمیشہ خدا کا خوف
ڊپ رهي ٿو -	رہتا ہے -
سڀ ڪو هن کي ڀانئين ٿو	ہر ایک اسے چاہتا ہے -
هو به سڀني جي عزت ڪري ٿو	وہ بھی سب کی عزّت کرتا ہے -
هو محلي ۾ تمام هردلعزيز آهي -	وہ محلے میں ہر دل عزیز ہے -
هو ڪنهن سان به حسد نٿو ڪري	وہ کسی سے حسد بھی نہیں کرتا -
هو ڪنهن سان به دغا، فريب ۽	وہ کسی سے بھی دغا، فریب اور
دوکو نٿو ڪري -	دھوکہ نہیں کرتا -
پاڪ ۽ صاف زندگي گذاري ٿو	صاف ستھری زندگی بسر کرتا ہے -
نماز پنج وقت جماعت سان پڙهندو	پانچوں وقت کی نماز باجماعت ادا
آهي -	کرتا ہے -
ڪي دوست ڪاوڙ جا تکا ٿيندا آهن	بعض دوست غصہ کے تیز ہوتے ہیں
ڪي ذري ذري ناراض ٿين ٿا	بعض تھوڑی سی بات پر خفا ہو جاتے ہیں
ڪن دوستن وٽ ڪوڙ ۽ سچ ۾	بعض دوست جھوٹ اور سچ میں
ڪا تميز ڪونهي -	کوئی فرق نہیں کرتے -
ڪي فقط کاڌي جا دوست ٿين ٿا	بعض صرف کھانے کے دوست ہوتے ہیں

سنڌي	اردو
ڪي مطلبي دوست ٿين ٿا	کچھ دوست مطلب پرست ہوتے ہیں
ڪي دوست وقت تي پاسو ڪن ٿا	کچھ دوست موقعہ پر مُنہ پھیر لیتے ہیں
پر رحيم اهڙو ڪونهي.	لیکن رحیم ایسا نہیں ہے.
هو صبح جو سوير ڌنڌي تي ويندو آهي.	وہ صبح سویرے کام کاج کیلئے جاتا ہے.
۽ محنت مشقت سان ماني ڪمائيندو آهي.	اور محنت اور مشقت سے روٹی کماتا ہے.
شام جو هن جا دوست هن وٽ اچي ڪچهري ڪندا آهن.	شام کو اُس کے دوست اسکے پاس آکر مجلس کرتے ہیں.
کل ڀرچو به ٿيندو آهي ۽ سياست تي بحث مباحثو به.	ہنسی مذاق بھی ہوتا ہے اور سیاست پر بحث مباحثہ بھی.
ڪاوڙ ۽ غصو ته هن ۾ بنهه ڪونهي.	ناراضگی اور غصہ تو اس میں بالکل نہیں ہے.
پڪ پڪ هو سوين خوبين جو مالڪ آهي.	یقیناً وہ سینکڑوں خُوبیوں کا مالک ہے.
شل سدائين جيئي.	خدا کرے وہ ہمیشہ زندہ رہے.

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
ڀانيان ٿو	بھانئیاں تھو	پیار کرتا ہوں	سڀڪنھن	سبھ کنھ	ہر ایک
	ٹھٹھولی	مذاق	پاسو ڪن ٿا	پاسو کن تھا	کنارہ کشی کرتے ہیں
	چھوتہ	کیونکہ	ڪچهري	کچہری	مجلس
ڀائين ٿو	بھائیں تھو	پیار کرتا ہے	ڌنڌو	دھندھو	کام کاج
ڪي	کے	بعض، کچھ	وندرائي ٿو	وندرائے تھو	بہلاتا ہے
ڪمائيندو	کمائیندو	کماتا	ڌڪاري ٿو	دِھکاری تھو	نفرت کرتا ہے
تکا	تکھا	تیز	ڏپ	ڈپ	خوف
ڪل چرچو	کھل چرچو	مذاق	ڌوڪو	دھوکو	دھوکا
خوشامدڙن	خوشامدڑن	خوشامد کرنیوالا	ماني	مانی	روٹی
کلي نٿو	کِھلے نتھو	ہنستا نہیں	ڪاوڙ	کاوڑ	غُصّہ

گرامر نمبر ۱

زمان مستقبل جو چارٽ

		واحد مذکر	واحد مؤنث	جمع مذکر	جمع مؤنث
ضمیر متکلم	سنڌي	مان ويندس	مان ويندس	اسين وينداسين	اسين وينديونسين
	اردو	میں جاؤں گا	میں جاؤنگی	ہم جائیں گے	ہم جائیں گی
ضمیر حاضر	سنڌي	تون ويندين	تون وينديئن	توهين ويندا	توهين وينديون
	اردو	تو جائے گا	تو جائے گی	تم جاؤ گے	تم جاؤ گی

		واحد مذکر	واحد مؤنث	جمع مذکر	جمع مؤنث
ضمیر غائب	سنڌي	هو ويندو	هوءَ ويندي	اُهي ويندا	اُهي وينديون
	اردو	وہ جائیگا	وہ جائیگی	وہ جائینگے	وہ جائیں گی

نوٹ :۔ امرِحال یعنی "اچ ، وڃ ، کاءُ" کے آخر میں ، واحد غائب میں "ندو" یا "يندو" ملانے سے مستقبل بنتا ہے۔ مثلاً لکندو ، پڙهندو ، ايندو ، کائيندو وغیرہ ۔

سبق ۱۰

دفتر

سنڌي	اردو
چوکيدار ڪٿي آهي ؟	چوکیدار کہاں ہے ؟
اچھو آيو ۔	وہ آگیا !
بابا در کول ۔	ذرا دروازہ کھولو ۔
ڪير ڪير ڪونه آيا آهن ؟	کون کون نہیں آئے ہیں ؟
سائين سڀ آيا آهن !	جناب سب آئے ہیں !
ڀلا ، سعيد ڇا پيو ڪري ؟	اچھا سعید کیا کر رہا ہے ؟
سائين سعيد ٽپال ۾ آيل خط پڙهي رهيو آهي !	جناب ، سعید ڈاک میں آئے ہوئے خط پڑھ رہا ہے !

سنڌي	اردو
پلا، ظفر ڇا پيو ڪري ؟	اچھا، ظفر کیا کر رہا ہے ؟
سائين، هو چئي ويو آهي ته ويهن منٽن ۾ ايندس !	جناب، وہ بیس منٹ میں آنے کیلئے کہہ کر گئے ہیں !
هي فائل هتي ڪير رکي ويو آهي ؟	یہ فائل یہاں کون رکھ کر گیا ہے ؟
سائين الائجي.	جناب کچھ معلوم نہیں !
هيءَ ته ڪالهه کان هت رکيل آهي	یہ تو کل سے یہاں رکھی ہوئی ہے
هيڊ ڪلارڪ کان پڇي آءُ ته هي فائل هت ڇو رکيل آهي ؟	ہیڈ کلرک سے پوچھ کر آؤ کہ یہ فائل یہاں کیوں رکھی ہوئی ہے ؟
سائين هيڊ ڪلارڪ چوي ٿو ته سائين جن هن تي پنهنجو رايو لکندا.	جناب، ہیڈ کلرک کہتے ہیں کہ حضور اس پر اپنی رائے لکھیں گے !
هيڊ ڪلارڪ کي سڏي آءُ.	ہیڈ کلرک کو بُلاؤ۔
نُورو پٽيوالو ڪٿي آهي ؟	نُورو چپراسی کہاں ہے ؟
سائين هو سومر کان وٺي غير حاضر آهي۔	جناب، وہ پیر سے غیر حاضر ہے !
بابا انهن جي عادت نه ڦٽاءِ.	بھائی ان کی عادت مت بگاڑو۔
ٽپال ۾ جيڪي ضروري ڪاغذ هجن سي منهنجي ميز تي رک.	ڈاک کے ضروری کاغذات میری میز پر رکھو۔
پگهارن جي بل جو ڇا ٿيو ؟	تنخواہوں کے بِل کا کیا ہوا؟

سنڌي	اردو
سائين هڪڙو بل اڃا پاس ٿيو آهي	جناب ایک بل پاس نہیں ہوا ہے
سپرنٽنڊنٽ کان پڇي اچ ته ڪيترا	سپرنٹنڈنٹ سے پوچھ کر آؤ کہ کتنے
ڪاغذ پينڊنگ (Pending)	کاغذ پینڈنگ میں ہیں ۔
۾ آهن ۔	
جلد جلد ٽپال نيڪال ڪندا ڪريو	ڈاک جلدی سے نکال دیا کریں ۔
سائين ڊسپيچر سُست آهي ، ٽپال	جناب ڈسپیچر سست ہے ، ڈاک
رکي ويٺو آهي ۔	رکھ کر بیٹھ جاتا ہے ۔
جيڪو ڪم نه ڪندو سو جوابدار	جو کوئی کام نہیں کرے گا وہ جوابدہ
رهندو ۔	ہو گا ۔
توهانجي ميز تي ڪيترا فائل باقي	آپ کی میز پر کتنی فائل باقی
آهن ؟	ہیں ؟
ٽائيپ جا ڪاغذ سنڀالي رک ۔	ٹائپ کے کاغذات سنبھال کر رکھو ۔
ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڌار رک ۔	ٹائپ شدہ کاغذات علیحدہ رکھو ۔

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
چوڪيدار	چوکیدار	چوکیدار	ڪالهه	کالھ	گذشتہ کل
رکيل	رکھیل	رکھا ہوا	پٽيوالو	پٹے والو	چپراسی

معنیٰ	تلفظ	لفظ	معنیٰ	تلفظ	لفظ
حفاظت سے	سنبھالے	سنڀالي	بگاڑو	بِھچڑاءِ	ڦٽاءِ
سب	سبھ	سڀ	وہ	سے	سي
کہتا ہے	چوے تھو	چوي ٿو	جو	جے کو	جيڪو
بُلا لاؤ	سڈے آءُ	سڏي آءُ	کون	کیر	ڪير
سے	کھاں وٹھی	کان وٺي	پوچھ آؤ	پُچھی آءُ	پُڇي آءُ
جو	جے کے	جيڪي	رانے	رایو	ڙايو
رکھ کر بیٹھا	رکھی ویٹھو	رکي ويٺو	کہاں	کتھے	ڪٿي
ہے	آہے	آهي	ڈا ا۔	ٹپال	ٽپال
جُدا	دھار	ڌار	کیا ہوا	چھاتھیو	ڇا ٿيو

گرامر ١١

زمان حال مدامي

ضمیر متکلم

	واحد مذکر	واحد مونث	جمع مذکر	جمع مونث
سنڌي	مان پڙھندو آهيان	مان پڙھندي آهيان	اسين پڙھندا آهيون	اسين پڙھنديون آهيون
اردو	میں پڑھتا ہوں	میں پڑھتی ہوں	ہم پڑھتے ہیں	ہم پڑھتی ہیں

ضمیر حاضر

	واحد مذکر	واحد مؤنث	جمع مذکر	جمع مؤنث
سنڌي	تون پڙهندو آهين	تون پڙهندي آهين	توهان پڙهندا آهيو	توهين پڙهنديون آهيو
اردو	تو پڑھتا ہے	تو پڑھتی ہے	تم پڑھتے ہو	تم پڑھتی ہو

ضمیر غائب

	واحد مذکر	واحد مؤنث	جمع مذکر	جمع مؤنث
سنڌي	هو پڙهندو آهي	هوءَ پڙهندي آهي	هو پڙهندا آهن	هو پڙهيون آهن
اردو	وہ پڑھتا ہے	وہ پڑھتی ہے	وہ پڑھتے ہیں	وہ پڑھتی ہیں

نوٹ ۱۔ اسم حالیہ یعنی "لکندو ، پڑهندو" کے ساتھ "هئڻ" مصدر کا زمانِ حال ملانے سے زمانِ حال مدامی بنتا ہے مثلاً "کاٹیندو آهي ، ایندو آهي" وغیرہ ۔

باب چوٿون

سبق ا

چند آسان بامحاوره جملے

سنڌي	اردو
ظفر پنھنجي ساٿين ۾ هردلعزيز آهي .	ظفر اپنے دوستوں میں ہردلعزیز ہے .
چور هميشه بزدل ٿيندو آهي .	چور ہمیشہ بزدل ہوتا ہے .
ويچاري کي ٻي گناھ برطرف ڪيو ويو	بیچارے کو بے گناہ برطرف کردیا گیا .
دشمن کي بغل ۾ نه ويھار .	دشمن کو قریب مت بٹھاؤ .
ميٽنگ کي برخاست ٿا ڪريون .	میٹنگ برخاست کرتے ہیں .
ڀلا ايترو سارو نقصان برداشت ڪٿين ڪجي ؟	اتنا سارا نقصان کس طرح برداشت کیا جائے ؟
ڪلمو پڙھ ته هي ڪم تو ڪونه ڪيو آهي .	قسم کھاؤ کہ یہ کام تم نے نہیں کیا ہے .

سنڌي	اردو
ويچارو آه ڀري پَٽِ تي ڪري پيو	بیچارہ آہ بھر کر زمین پر گر گیا۔
هو هٿ جوڙ ڪري مارڪون وٺي آيو۔	وہ منت خوشامد کر کے نمبر لے آیا۔
هن جي ڀاءُ هٿ وٺي هن کي ناپاس ڪيو۔	اس کے بھائی نے خود ہی اُسے فیل کیا۔
هو راتو رات غائب ٿيو۔	وہ راتوں رات غائب ہو گیا۔
وڌيڪ سازباز نه ڪر، فائدو ڪونه ٿيندو۔	زیادہ سازباز مت کر، کوئی فائدہ نہ ہوگا۔
ادا ڀلي ڪري آيا۔	بھائی جان خوش آمدید۔
مان ته توهان جو ڪم بسروچشم ڪندس	میں آپ کا کام بسروچشم کروں گا۔
مهانگائي ڪري غريب ويچارو ٽڪ ۾ پاهه پيو ٿئي۔	مہنگائی کی وجہ سے غریب بیچارہ بھوکا مر رہا ہے۔
ڀر ۾ ويٺو آهي ته به ڏپ ٿو ٿئيس۔	قریب بیٹھا ہوا ہے پھر بھی اسے خوف ہوتا ہے۔
الاجي، هي ڇو مون غريب جي ڪيءِ پيو آهي۔	خدا معلوم یہ کیوں مجھ غریب کے پیچھے پڑا ہوا ہے۔
دغاباز ۽ ڪوڙو هميشه ذليل ٿيندو آهي۔	دغاباز اور جھوٹا ہمیشہ ذلیل ہوتا ہے۔
فقط ٽڪي واري پينسل خريد ڪري	صرف دو پیسے والی پینسل خرید کر

سنڌي	اردو
آيو آهي چوندو آهي ته ڪم خرچ بالانشين .	آیا ہے، کہتا ہے، کم خرچ بالانشین .
هن کي سو گهو جهل متان ڪري پوين	اسے مضبوط پکڑو مبادا گر جاؤ .
هي فضول خرچائو آهي ، انسان کي	یہ فضول خرچ ہے ، انسان کو چاہیے
گهرجي ته سوڙ سارو پير ڊگهيري .	کہ جتنی چادر ہو اُتنے ہی پاؤں پھیلائے

محاورے

اِصطلاح	معنیٰ	اِصطلاح	معنیٰ
ڪلمو پڙهڻ	قسم کھانا .	بُک ۾ پاه ٿيڻ	بھوکا مرجانا .
هٿ جوڙ ڪرڻ	مِنّت خوشامد کرنا .	ڪم خرچ بالانشين	کم خرچ بالانشین .
سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ .		جتنی چادر ہو اتنے ہی پاؤں پھیلانا .	

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
ساٿي	ساتھی	دوست	رهي	رے	بغیر
ڪلمو	کلمو	کَلِمَہ	ڪلمو پڙ	کلمو بھر	قسم کھاؤ
هٿ جوڙ	ہتھ جوڑ	منت خوشامد	هٿ وٺي	ہتھ وٹھی	خود ہی جان بوجھ کر
پاه پيو ٿئي	پاہ پیو تھیے	مر رہا ہے	ڪڍ پيو آهي	کڈھ پیو آہے	پیچھے پڑا ہوا ہے

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
بغل	بَغل	بغل۔قریب	بک	بکھ	بھوک
پٽ	پَٹِ	زمین	کوڙو	کوڑو	جھوٹا

سبق ٢

چند آسان بامحاورہ جملے

سنڌي	اردو
مينهن پيو وسي پر هي ته بالڪل بي فڪر ويٺو آهي۔	بارش ہو رہی ہے لیکن یہ بے فکر ہوکر بیٹھا ہوا ہے۔
امتحان جي خبر اخبار ۾ پڙهي هو باغ باغ ٿيو۔	امتحان کی خبر اخبار میں پڑھ کر وہ باغ باغ ہوگیا۔
سائين جن ڪيئن قدم رنجه فرمايو آهي۔	حضور نے کیسے قدم رنجہ فرمایا ہے۔
مان اوهان کي دل وجان سان مدد ڪندس۔	میں آپ کی دل وجان سے مدد کروں گا۔
هي ڪم منهنجي دل وٽان ٿيو آهي	یہ کام میری خواہش کے مطابق ہوا ہے
پلاءِ چو ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو آهين	کیوں شرمندہ ہوکر بیٹھے ہو۔
چور موقعي تي پڪڙجي ويو۔	چور موقعہ پر پکڑا گیا۔

سندي	اردو
هي هٿ جو ميرو آهي ـ	یہ ہاتھ کا میلا (یعنی چور) ہے ۔
ادا، اهو ڪِي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي ـ	بھائی، کچھ بچاؤ کہ مشکل کے وقت کام آئے ۔
بيمار کي نازڪ حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو ـ	بیمار کو نازک حالت میں ہسپتال پہنچایا گیا ۔
هي بلڪل نازڪ وقت آهي، ڀاءُ ڀاءُ کي نٿو پڇي ـ	یہ بالکل نازک وقت ہے، بھائی بھائی کو نہیں پوچھتا ۔
اسان يڪمشت ٿي دشمن جو مقابلو ڪنداسين ـ	ہم متحد ہوکر دشمن کا مقابلہ کریں گے ۔
انهن يڪ زبان ٿي چيو ته اسان هارايو	انہوں نے ایک آواز ہوکر کہا کہ ہم ہار
ٽيپو سلطان انگريزن سان يڪي سر مقابلو ڪيو ـ	ٹیپو سلطان نے انگریزوں سے تنہا مقابلہ کیا ۔
منهن ٻجهڙو ڪري مون وٽ نه بيهه	منہ بنا کر میرے پاس مت کھڑے ہو ۔
هي نوڪري ۾ چور دروازي کان آيو آهي ـ	یہ ملازمت میں چور دروازے سے آیا ہے ۔
ڦُر جو مال مليو اٿس ڀلي پيو بي دردي سان خرچ ڪري ـ	لُوٹ کا مال ملا ہے، اسے بیدردی سے خرچ کرنے دو ۔
ڪوڙ پڌرو ٿيس تنهن ڪري	اس کا جھوٹ ظاہر ہوا اس لئے

سنڌي	اردو
پت ذوبي ويس۔	اس کا اعتماد کھویا گیا۔
مان اک چنڀ ۾ هن کي وٺي ايندس۔	میں پلک جھپکتے ہی اسے لے آؤں گا۔
اکه کولي پڙهه ته منجهس ڇا لکيل آهي۔	غور سے پڑھیے اس میں کیا لکھا ہوا ہے۔

محاورے

بالم ٿي ويهڻ	بے فکر ہونا	يڪ زبان ٿيڻ	ایک آواز ہونا
ڪنڌ هيٺ ڪرڻ	شرمندہ ہونا	اک چنڀ	پلک جھپکتے
يڪ مشت ٿيڻ	متحد ہونا	مينهن وسندي ڪم اچڻ	مشکل میں کام آنا

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
بالم	بالم	بے فکر	ڪنڌ هيٺ ڪرڻ	-	شرمندہ ہونا
باغ باغ ٿيڻ	-	بہت خوش ہونا	ميرو	مے رو	میلا۔ گندہ
قدم رنج	قدم رنج	تشریف آوری	اک	اَکھ	آنکھ
ڪنڌ	کندھ	گردن	مينهن	مینہ	بارش

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنی
ھارايو	ہارایو	ہار گئے	منھن بڇڙو ڪرڻ	۔	منہ بنانا
يڪي سر	یکی سر	تنہا ۔ اکیلا	ڦُو	پُھر	ٹُوٹے
يڪ مشت	یک مشت	مِلکر ۔ متحد	مليوآٿس	ملیوآتھس	اسے مِلا ہے
منھن	مُنہ	چہرہ	پڌرو	پدھرو	ظاہر
اک ڪولڻ	۔	غور سے دیکھنا	پَت	پت	اِعتبار
بڇڙو	بچھڑو	خراب	پت ڏوبي وڃڻ	۔	اعتبار کھودینا

سبق ۳

چند آسان بامحاورہ جملے

سنڌي	اردو
بس گھر ڪري ويٺو آھي، ڇُري ٽُري نٿو ۔	بس جم کر بیٹھا ہوا ہے ہلنے کا نام نہیں لیتا ۔
پردہ نشين زالون بہ سياست ۾ ڀرو وٺي رھيون آھن ۔	پردہ نشین عورتیں بھی سیاست میں حصہ لے رہی ہیں ۔
جي توکي بنا محنت جي ويھ ھزار رپيا مليا آھن تہ منھنجيون اکيون ٺريون ۔	اگر بغیر محنت تجھے بیس ہزار روپے ملے ہیں تو "چشمِ ماروشن دلِ ما شاد" ۔

سنڌي	اردو
سچ پچ هي اچرج جهڙو ڪم آهي .	يقيناً يہ تعجب خيز کام ہے .
حساب بيباق ڪري اطمينان سان آيو آهيان .	حساب بيباق کر کے اطمينان سے آيا ہوں .
منهن ۾ گهنڊ پائي نہ ويهہ .	تيوري چڑھا کر نہ بیٹھ .
هن ويچاري جو گهر ڊهي ويو .	اس بے چارہ کا گھر تباہ ہو گیا .
سندس وفادار زال انتقال ڪري ويئي	اسکی وفادار بیوی کا انتقال ہو گیا .
مان هنجي اندران پيهي نڪتو آهيان	میں تو اُسکے دل کی بات جانتا ہوں .
احسان فراموش کي ڪير بہ انسان ڪونہ چوندو .	احسان فراموش کو کوئی بھی انسان نہیں کہتا .
اُس ۾ اچا ڪين ڪيا اٿم .	دھوپ میں بال سفید نہیں کئے ہیں
سڀڪو پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهي .	ہر ایک اپنا فرض ادا کر رہا ہے .
دل جاءِ ڪر مان توکي هر طرح مدد ڪندو رهندس .	یقین کیجئے میں تمہاری ہر طرح مدد کرتا رہوں گا .
منهنجي آفيس سنڌ پنڌ تي آهي .	میرا دفتر قریب ہے .
من ٺار مون کان ڌار نہ ٿي .	اے محبوب مجھ سے جدا نہ ہو .
مان تنهنجو زر خريد نوڪر آهيان .	میں آپ کا زر خرید نوکر ہوں .
هن ڪتاب سان ويهي دل وندراءِ .	اِس کتاب سے جی بہلائیے .

سنڌي	اردو
منهنجي خواب وخيال ۾ نه هو ته مان پهريون نمبر ايندس.	میرے خواب وخیال میں بھی نہ تھا کہ میں اول نمبر آؤں گا۔

محاورے

گهر ڪري ويهڻ	جم کر بیٹھنا	دِل جاءِ ڪرڻ	یقین کرنا
ڀاڱو وٺڻ	حصہ لینا	دِل وندرائڻ	جی بہلانا
اڇا ڪيڏڻ	سفید بال نکلنا	اکيون ٺريون ٿيڻ	بیحد خوشی ہونا
گهنڊ پائي ويهڻ	تیوری چڑھانا		

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
ڇُري نٿو	چُرے نتھو	ہلتا نہیں	اکيون	اکھیوں	آنکھیں
ٿڌو	تھدھو	ٹھنڈا	پڪ پڪ	پک پُک	یقیناً
اچرج	اچرج	تعجب	جهڙو	جھڑو	جیسا
هٿين خالي	ہتھیں خالی	خالی ہاتھوں	هٿ ڦاڙ	ہتھ پھاڑ	فضول خرچ
—	—	—	—	—	—

سبق ۴۲

چند آسان با محاورہ جملے

سنڌي	اردو
هي خواه مخواه مون غريب کي پريشان ٿو ڪري .	یہ خواہ مخواہ مجھ غریب کو پریشان کرتا
هن کي ترئيءَ تي بهشت کپي پر اسان لاءِ ناممڪن آهي .	اسے ہتھیلی پر بہشت چاہئے لیکن ہمارے لئے ناممکن ہے ۔
اوهانجو نوڪر ته حاضر جواب آهي .	آپ کا ملازم حاضر جواب ہے ۔
سائين مان حڪم جو بندو ءِ اوهانجو تابعدار آهيان .	جناب میں فرماں بردار اور آپ کا تابعدار ہوں ۔
هٿين خالي ڪو به ڪم ڪونه ٿو ٿئي .	خالی ہاتھوں سے کوئی کام نہیں ہوتا ۔
هٿ ڦاڙ انسان هميشه تنگدست گذاريندو آهي .	فضول خرچ انسان ہمیشہ تنگدست رہتا ہے ۔
اِها مصيبت ناحق مون غريب جي مٿي تي اچي پئي .	یہ مصیبت ناحق مجھ غریب کے سر آپڑی ۔
سج ترِي هيٺ لڪائي ڪين سگهبو .	سورج کو ہتھیلی کے نیچے چھپایا نہیں جاسکتا ۔

اردو	سنڌي
بھائی خدا حافظ! میں اجازت چاہتا ہوں،	ادا الله واهي، مان موڪلايان ٿو
خدا نے چاہا تو پھر ملیں گے۔	جي خدا گھريو ته وري ملنداسين.
ہائے، ہائے، میں لُٹ گیا۔	گھوڙا! گھوڙا! مان ڦرجي ويس.
ہائے وہ سب کو دھوکہ دے گیا۔	مار! هو سڀني جي اکين ۾ سرمو پائي ويو.
—	
یہ بے مروت ہے۔	هن جي اکين ۾ ديد ڪونهي.
چور رنگے ہاتھوں پکڑا گیا۔	چور سڱ سان پڪڙجي ويو.

محاورے

ناممکن کام کی امید رکھنا۔	ترِي تي بهشت ڪيي.
کسی واضح بات کو چھپانے کی کوشش کرنا.	سج تري هيٺ لڪائڻ.
دھوکا دینا۔	اکين ۾ سرمون پائڻ.
بے مروت ہونا۔	اکين ۾ ديد نه هئڻ.
رنگے ہاتھوں پکڑا گیا۔	سڱ سان پڪڙجي ويو.

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنی	لفظ	تلفظ	معنی
تري	ترِی	ہتھیلی	بندو	بندو	بندہ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
موڪلايان ٿو	موکلایاں تھو	اجازت چاہتا ہوں	مٿو	متھو	سر
هٿين خالي	ہتھیں خالی	خالی ہاتھوں	خُدا گهريو	خدا گھُریو	خدا نے چاہا
گذاريندو آهي	گزاریں دو آہے	گزارتا ہے	هٿ ڦاڙ	ہتھ پھاڑ	فُضول خرچ
سج	سج	سورج	اِها	اِہا	یہ
لڪائي	لکائے	چھپائے	هيٺ	ہیٹھ	نیچے
گهوڙا، گهوڙا	گھوڑا گھوڑا	مدد، مدد	ڦرجي	پھُرجی	لُٹ گیا
کپي	کھپے	چاہیے	ويس	ویس	

سبق ۵

چند آسان بامحاورہ جملے

سنڌي	اردو
مان اوهانجو تہ دل سان شُڪر گذار آهيان.	میں آپ کا تہ دل سے شکر گزار ہوں.
پيٽ پريو اٿس سلام بہ نٿو ڪري.	مغرور ہوگیا ہے سلام بھی نہیں کرتا
واه جو سبق سيکاريو اٿس، تنهن ڪري پيو هٿ مهٽي.	اسے اچھا سبق مِلا ہے، اسی لئے وہ پشیمان ہورہا ہے.
اقبال کي صبح وشام سلام ڪيم پر	میں اقبال کو صبح و شام سلام کرتا ہوں

سنڌي	اردو
ته به ڪو به ڪڙتيل ڪو نه نڪتو.	لیکن پھر بھی کچھ فائدہ نہ ہوا۔
ڪير اوهان جي جُتيءَ ۾ پير پائي سگهندو.	کون آپ کے برابر ہو سکتا ہے۔
هتي ڪو به تنهنجي وار جو نالو ڪونه ونڊندو.	یہاں کوئی بھی تیرا بال بیکا نہیں کر سکتا۔
اسان واري وٽيءَ موٽر ۾ چڙهياسين	ہم باری باری موٹر میں سوار ہوئے
مون پوري موقعي تي انهيءَ کي وڃي پڪڙيو.	میں نے اسے موقع پر ہی جا کر پکڑ لیا۔
تون ڪهڙا ڪِهيو پچائين ؟	تم کیا سوچ رہے ہو؟
چم چوس انسان مان ڪنهن کي به فائدو ڪونه پهچندو.	بخیل آدمی سے کسی کو فائدہ نہیں پہنچتا۔
دل جاءِ ڪر، مان هر هر سوال ڪونه ڪندس.	تسلی کیجیے میں بار بار گزارش نہیں کروں گا۔
مان مرشد جو سلام پيري آيو آهيان.	میں مرشد کی حاضری دے آیا ہوں۔
هاٿيءَ کي ڏسي هن جو ساهه مٺ ۾ آيو.	ہاتھی کو دیکھ کر وہ بہت ڈر گئے۔

محاورے

پيٽ پريو اٿس — مغرور ہے۔	ساهه مٺ ۾ اچڻ — بہت ڈرنا۔
هٿ مهٽڻ — پشیمان ہونا۔	دِل جاءِ ڪرڻ — تسلی کرنا۔
پڇ پچائڻ — سوچنا۔	ڪڙ تيل نه نڪرڻ — فائدہ نہ ہونا۔
جتيءَ ۾ پير پائڻ — ہمسر ہونا۔	

مشکل الفاظ

لفظ	تلفظ	معنیٰ	لفظ	تلفظ	معنیٰ
وار	وار	بال	پَڇَ	پَچَ	غور و فکر
واري وٽيءَ	وارے وٹی	باری باری	چم	چم	کھال
جُتي	جُتی	جُوتا	هر هر	ہر ہر	بار بار
هٿ مهٽي	ہتھ مہٹے	پشیمان ہونا	سلام پري	سلام بھرے	حاضری دینا
ڪڙ	کھڑ	سرسوں کے تیل سے بنائی ہوئی کھلیہ			
پڪڙيو	پکڑیو	پکڑا			

اِعادہ

١. اردو ۾ ترجمو ڪريو :-

(الف) ميرن جي صاحبي ۾ عدل ۽ انصاف سهانگو هو. ظلم ۽ بي انصافي ٿيندي هئي ته جهٽ تدارڪ ٿي سگهندو هو. حاڪم ويچارا سادا انسان ۽ رعايا ويچارا حالئائي هوندا هئا. شام جو روز هنن جي ڪليل مجلس يا عام ڪچهري ٿيندي هئي، جنهن ۾ غريب ۽ امير، پير مرس ۽ جوان، هندو ۽ مسلمان اچي حاضر ۽ شامل ٿيندا هئا. سڀ ڪل خوشي ۾ وقت گذاريندا هئا. غم جو غبار ڪنهن جي به دل تي ڪونه هوندو هو. منجهن جو قرب ۽ محبت، ياري ۽ غمخواري، دوستي ۽ دلداري هئي، تنهن جو ڪهڙو بيان ڪجي.

(ب) هيءَ ادارو ڏينهون ڏينهن بدرجي ترقي ڪري رهيو آهي. آهستي آهستي سڀيئي ملڪ ان جا ميمبر ٿي رهيا آهن. شروعات ۾ ان جي ميمبرن جو تعداد فقط ايڪونجاهه هو. مگر هن وقت اهو تعداد هڪ سو ويهه کان به وڌي ويو آهي. تنهن کان سواءِ، اُهي ملڪ جن تازي آزادي حاصل ڪئي آهي يا ڪندا رهن ٿا، سي به اقوام متحده جا ميمبر بڻجي رهيا آهن. هن اداري جي ذريعي پوئتي پيل ملڪن کي اقتصادي امداد، فني امداد، مالي ۽ اخلاقي امداد به حاصل ٿئي ٿي.

---

١ حڪومت ٢ ارزان ٣ فوراً ٤ همدرد ٥ بوڙها ٦ هنسي مذاق ٧ انمين ٨ پيار ٩ پسمانده.

۲. سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو:-

(۱) تمہارا نام کیا ہے ؟ (۲) تم کہاں رہتے ہو ؟

(۳) تم کیا کر رہے ہو ؟ (۴) تم کیا چاہتے ہو ؟

(۵) وہ کون ہے ؟ (۶) وہ کہاں رہتا ہے ؟

(۷) وہ کس کالج میں پڑھتا ہے ؟ (۸) وہ کونسا کھیل پسند کرتا ہے ؟

(۹) آپ کے کتنے بھائی ہیں ؟ (۱۰) آپ کے چھوٹے بھائی کا نام کیا ہے ؟

---

۳. هيٺين سوالن جا سنڌي ۾ جواب لکو:-

(۱) تنهنجو نالو ڇا آهي ؟ (۲) تون ڪٿي رهين ٿو ؟

(۳) تون ڇا پيو ڪرين ؟ (۴) تو کي ڇا گهرجي ؟

(۵) هو ڪير آهي ؟ (۶) هو ڪٿي رهي ٿو ؟

(۷) هو ڪهڙي ڪاليج ۾ پڙهي ٿو ؟ (۸) هو ڪهڙي راند پسند ڪري ٿو ؟

(۹) توهان کي ڪيترا ڀائر آهن ؟ (۱۰) اوهانجي ننڍي ڀاءُ جو نالو ڇا آهي ؟

---

۴. هيٺين مان صحيح لفظ چونڊي، خالي جاين ۾ وجهو:-

کي ، تي ، مان ، سان ، کان ، وٽ ،

(۱) قلم ---- سبق لک. (۲) مون ---- پنج رپيا آهن.

(۳) شروع ---- سبق پڙهه. (۴) تو ---- ڇا کپي.

(۵) ڪتاب ميز ---- رک. (۶) بازار ---- انب وٺي آءُ.

باب پنجون

سِندھی حُرُوفِ تہجی کے سات خاص حروف

مندرجۂ ذیل سات حروف ایسے ہیں جو اُردو میں بالکل استعمال نہیں ہوتے، اُن کا صحیح تلفظ سمجھنے کیلئے کسی سندھی دان سے یہ الفاظ سننے چاہئیں، یہاں ان کے سمجھنے اور بولنے کیلئے چند اشارات دیئے جاتے ہیں، تاکہ ان کا تلفظ آسانی سے ذِہن نشین ہو جائے۔

ٻ ڄ ڏ ڳ گ ٽ ڃ

اِشارات

ٻ:- ٻ اور ب کی آواز میں یہ فرق ہے کہ ب کی آواز ہونٹ مِلاکر باہر نکالی جاتی ہے اور ٻ میں ہونٹ ملاکر آواز اندر لے جاتے ہیں، مثلاً

سنڌي	ٻلي	ٻڪري	ٻاٽلي	ٻانگ	ٻانهون	ٻه	ٻار
اُردو	بلّی	بکری	بوتل	اذان	بازو	۲ دو	بچّہ

ڄ :- ڄ کی آواز ج کی آواز سے ملتی جُلتی ہے، لیکن فرق یہ ہے کہ ج کی آواز کو باہر نکالتے ہیں اور ڄ کی آواز اندر کی طرف لے جاتے ہیں، مثلاً

سنڌي	ڄار	ڄاموٽ	ڄڀ	ڄنگهہ	ڄمون	سڄو
اردو	جال	سردار، چوہدری	زُبان	ٹانگ	جامن	پورا۔ تمام

ڏ :- ڏ کی آواز ڈ کی آواز سے ملتی جُلتی ہے لیکن ڈ کی آواز کو باہر نکالتے ہیں اور ڏ کی آواز اندر لے جاتے ہیں مثلاً

سنڌي	ڏک	ڏمر	ڏند	ڏيڏر	ڏينهن	ڏيهہ	ڏِيو
اردو	دُکھ	غصہ	دانت	مینڈک	دِن	مُلک	شمع

ڳ :- گ اور ڳ کے تلفظ میں فرق یہ ہے کہ گ کی آواز زبان کے آخری حصہ سے ادا ہوتی ہے جبکہ ڳ کی آواز حلق سے ادا ہوتی ہے۔ مثلاً

سنڌي	ڳرو	ڳالھ	ڳچي	ڳوٺڙي	ڳلُ	ڳنڍ	ڳاڙهو
اردو	بھاری	بات	گردن	تھیلی	گال	گانٹھ	سُرخ

ڱ :- ڱ میں گ اور ن غُنّہ کی آواز شامل ہے، یہ آواز ناک سے نکالی جاتی ہے، مثلاً

سنڌي	سِڱ	آڱر	آڱريون	سَڱ	اڱڻ	رڱڻ
اردو	سینگ	انگلی	انگلیاں	شادی کیلئے رشتہ	آنگن	رنگنا

ڻ :- ڻ میں ن کی آواز شامل ہے، یہ آواز اس طرح نکالی جاتی ہے کہ زبان تالو سے لگ کر نیچے آئے۔ یہ حرف عموماً لفظ کے آخر میں آتا ہے، اور اسم مصدر کا کام کرتا ہے، مثلاً

سنڌي	اچڻ	اٿڻ	کائڻ	مارڻ	وٺڻ	ڏيڻ	ڪرڻ	وَڻُ
اردو	آنا	اٹھنا	کھانا	مارنا	لینا	دینا	کرنا	درخت

ڃ :- ڃ — ج اور ن کی آواز کے اِمتزاج یہ حرف بنا ہے ن اور ے کی آواز نے کو ناک سے ادا کرنے سے ہم کسی قدر ڃ کی آواز اَدا کر سکتے ہیں، مثلاً

سنڌي	وَڃ	مَڃُ	ڄڃ	سُڃ	سڃاڻو	ڀڃ
اردو	جا	مان	برات	بیابان	واقف	ٹکڑے کرنا

:-نوٹ:-

سندھی زبان میں ڱ اور ڃ کے الفاظ بہت کم ہیں۔

نئے حروف کا استعمال

اردو	سنڌي
میرے ڈو ہاتھ ہیں ۔	مون کي ٻه هٿ آهن ۔
بلی کو دودھ دو ۔	ٻلي کي کير ڏي ۔
اس کے بتیس دانت ہیں ۔	هن کي ٻٽيهه ڏند آهن ۔
آج پیر کا دن ہے ۔	اڄ سومر جو ڏينهن آهي ۔
وہ میرا دادا ہے ۔	هو منهنجو ڏاڏو آهي ۔
مجھے پانی دو ۔	مون کي پاڻي ڏي ۔
اس نے مجھے بہت تنگ کیا ہے ۔	هن مون کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي ۔
آج کا دن خیر سے گزرا ۔	اڄوکو ڏينهن خير سان گذريو ۔
رات کو آنے جانے میں بہت تکلیف ہوتی ہے ۔	رات جو اچڻ وڃڻ ۾ ڏاڍي تکليف آهي ۔
بات مانئے ، ضد چھوڑیئے ۔	ڳالهه مڃُ ، ضد ڇڏ ۔
زور سے مت بولئے ۔	ڏاڍيان نه ڳالهائي ۔
پھر آپ کب آؤ گے ؟	وري اوهان ڪڏهن ايندا ؟
میں کبھی کبھار آتا رہوں گا!	مان ڪڏهن ڪڏهن ايندو رهندس ۔
—	
آپ کے دانت سُرخ ہیں ۔	توهانجا ڏند ڳاڙها آهن ۔

اردو	سندي
بات سنئے ، اوپر دیکھ ۔	ڳالهه ٻڌ ، مٿي ڏِسُ.
زبان سے انگلیاں صاف نہ کر۔	ڄڀ سان آڱريون صاف نہ ڪر.
میں نے آپ کو دور سے پہچانا ۔	مون توهان کي پري کان سُڃاتو.
جلد جا ۔ وقت ضائع نہ کر.	تڪڙو وَڃُ ، وقت نہ وِڃاءِ.
تھیلی میں کیا ہے ؟	ٻوتڙِي ۾ ڇا آهي ؟
پورا دِن کیا کر رہے ہو ؟	سڄو ڏينهن ڇا پيو ڪرين ؟
بہت سے لوگ پان کھانے کے شوقین ہوتے ہیں ۔	گهڻا ماڻهو پان کائڻ جا شوقين هوندا آهن ۔
میرا دادا بہت ہوشیار آدمی ہے ۔	منهنجو ڏاڏو ڏاڍو هوشيار ماڻهو آهي.
یہ بہت مضبوط ہے ۔	هي تمام ڏاڍو آهي ۔

مشکل الفاظ

معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ
ضائع کرنا	وڃائڻ	مانو	مڃ	٢ دو	ٻہ
آدمی ۔ لوگ	ماڻهو	پھر ۔ دوبارہ	وَرِي	٣٢ بتیس	ٻٽيهہ
بلّی	ٻلي	سُنو	ٻُڌ	دِن	ڏينهن
دانت	ڏند	انگلیاں	آڱريون	آج کا	اڄوڪو

لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ
ڏاڏو	دادا	اڄ	آج	ڏي	دیدو۔ دو
اچڻ وڃڻ	آمدورفت	پاڻي	پانی	سومر	پیر
ڇڏ	چھوڑو	ڳالھ	بات	ڏاڍو / ڏاڍي	بہت۔ مضبوط
ڪڏهين ڪڏهين	کبھی کبھار	ڏاڍيان	زور سے	ڪڏهين	کب
مٿي	اوپر	ايندو هوندس	آثار ہونگا	ڳاڙها	سُرخ
سُڃاتو	پہچانا	ڏِسُ	دیکھ	ڄيڀ	زبان
ڳوٿري	تھیلی	تڪڙو	جلدی	وڃُ	جا۔ جاؤ
کائڻ	کھانا	سڄو	پورا۔ تمام	گھڻا	کتنے۔ بہت سے
کير	دودھ	تمام	بہت		

موسم

سنڌي	اردو
گھڻا وڳا آھن ؟	کتنے بجے ہیں ؟
ڏھ وڳا آھن !	دس بجے ہیں !
اڄ ڏاڍي ٿڌ آھي ۔	آج سخت سردی ہے ۔
ڪالھ کان اڄ وڌيڪ ٿڌ آھي ۔	کل سے آج زیادہ سردی ہے ۔
کھڙي نه ٿڌي هوا پئي لڳي ۔	کیسی ٹھنڈی ہوا چل رہی ہے ۔
اڄڪلھ موسم وڻندڙ آھي ۔	آج کل موسم خوشگوار ہے ۔

سنڌي	اردو
هاڻي گرم موسم آئي آهي ۔	اب موسم گرما آگیا ہے ۔
اڳي سيارو هو ۽ هاڻي اونهارو آهي ۔	پہلے موسم سرما تھا اور اب موسم گرما ہے
اڄ ڏاڍي گرمي آهي ۔	آج سخت گرمی ہے ۔
اُس ڏاڍي تکي آهي ۔	دھوپ بہت تیز ہے ۔
اڄ گُهٽ به آهي ۔	آج حبس بھی ہے ۔
مون کي سيارو وڻي ٿو ۔	مجھے موسم سرما پسند ہے ۔
ٻاهر ڏِسُ، گجگوڙ پيئي ٿِئي ۔	باہر دیکھو، بادل گرج رہے ہیں ۔
وِڄ پيئي چمڪي ۔	بجلی چمک رہی ہے ۔
مينهن پوندو، ڇاڪاڻ ته اڄ جُهڙ آهي ۔	بارش ہوگی، کیونکہ آج بادل چھائے ہوئے ہیں ۔
ڏِسُ، مينهن پيو وسي ۔	دیکھو، بارش ہو رہی ہے ۔
هاڻي، مينهن بند ٿي ويو آهي ۔	اب بارش بند ہوگئی ہے ۔
هلو ته ٻاهر گهمڻ هلون ۔	چلو، باہر تفریح کو چلیں ۔
ڪراچي جي آب وهوا گهميل آهي ۔	کراچی کی آب و ہوا مرطوب ہے ۔
حيدرآباد جي آب وهوا ڏاڍي سٺي آهي ۔	حیدرآباد کی آب و ہوا بہت اچھی ہے ۔
اونهاري ۾ ماڻهو سير ڪرڻ لاءِ مري ويندا آهن ۔	موسمِ گرما میں لوگ تفریح کے لئے مری جاتے ہیں ۔

سنڌي	اردو
پاڻ ڪوئيٽا وينداسون .	ہم کوئٹہ جائیں گے .
اڄ چانڊوڪي رات آهي .	آج چاندنی رات ہے .
اونهاري ۾ ڏينهن وڏا ۽ راتيون ننڍيون ٿينديون آهن .	موسم گرما میں دن بڑے اور راتیں چھوٹی ہوتی ہیں .

مشکل الفاظ

لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ
گهڻا	کتنے	اڳي	پہلے	وڄ	بجلی
وڳا ، لڳا	بجے	سيارو	موسم سرما	پيئي چمڪي	چمک رہی ہے
ڏهه	دس	اونهارو	موسم گرما	پيو وسي	برس رہا ہے
اڄ	آج	اُس	دھوپ	گهمڻ	سیروتفریح
ٿڌ	سردی	گُهٽ	حبس	پاڻ	ہم
ڪالهه	کل	تِکي ، تِکو	تیز	وڏا	بڑے
وڌيڪ	زیادہ	وڻي ٿو	پسند ہے	مينهن	بارش
ٿڌي	ٹھنڈی	ٻاهر	باہر	ٿي ويو آهي	ہوگیا ہے
پيئي لڳي	لگ رہی ہے	ڏسُ	دیکھو	گهميل	مرطوب
اڄ ڪلهه	آجکل	گجگوڙ	گرج چمک	وينداسون	جائیں گے
هاڻي	اب ، ابھی	پيئي ٿئي	ہورہا ہے	راتيون	راتیں

معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ	معنیٰ	لفظ
چلیں	هلون	چاندنی	چانڊوڪي	کیونکہ	ڇاڪاڻ ته
دِن	ڏينهن	چھوٹی	ننڍيون	چلو	هلو
ہوتی ہیں	ٿينديون آهن	بادل چھائے ہوئے	جَهڙ	اچھی	سُٺي

ریڈیو

اردو	سنڌي
ریڈیو کھولئے تاکہ خبریں سنیں.	ريڊيو کول ته خبرون ٻڌون -
خبریں تو ہوچکیں.	خبرون ته ٿي ويئون -
وقت کیا ہوا ہے؟	وقت گهڻو ٿيو آهي؟
ساڑھے آٹھ بجے ہیں!	ساڍا اٺ لڳا آهن.
گانا سُنو گے؟	راڳ ٻُڌندا؟
گانے والا کون ہے؟	ڀلا، ڳائيندڙ ڪير آهي؟
گانیوالا خواہ کوئی بھی ہو!	ڳائيندڙ ڪٿي ڪير به هجي؟
بتائیے، کیا آپ گانا سنو گے؟	ٻڌايو ته اوهان راڳ ٻڌندا؟
میں اپنا وقت اس طرح مفت نہیں گنواؤں گا!	ٻيلي، مان پنهنجو وقت اِئين مفت کونه وڃائيندس.
اِسوقت کونسا پروگرام ہے؟	هينئر ڪهڙو پروگرام آهي؟
جُمّن گانا گا رہا ہے!	جُمّن راڳ پيو ڳائي.

سندي	اردو
پلا، هن کان پوءِ ؟	اچھا، اس کے بعد ؟
تقريري مقابلو ٿيندو !	تقریری مقابلہ ہوگا !
ڪير تقرير ڪندا ؟	کون تقریر کریں گے ؟
ٻارن جا نالا ورتا پئي ويا.	بچوں کے نام لیے جا رہے تھے !
ڇڏ بيلي ڇڏ، چرچو نه ڪر.	یار چھوڑیئے، مذاق نہ کیجیے.
سچ ٻڌاءِ، ته ڪير مقابلي ۾ حصو وٺي رهيا آهن ؟	سچ کہو، مقابلہ میں کون شریک ہو رہے ہیں ؟
ڪاليجن جا نينگر ۽ نينگريون.	کالجوں کے لڑکے اور لڑکیاں !
چڱو، پلا موضوع ڇا آهي ؟	بہتر ! اچھا موضوع کیا ہے ؟
ادا، موضوع ڪٿي ڇا به هجي پر اوهان کي شايد مزو ڪو نه اچي !	موضوع خواہ کچھ بھی ہو، لیکن آپ کو شاید مزا نہ آئے.
بيلي، چئين سچ ٿو.	یار، تم کہتے سچ ہو،.
وري خبرون ڪڏهن پڙهبيون؟	پھر خبریں کب ہونگی ؟
رات جي ڏهين وڳي !	رات کے دس بجے !
يعني ڏيڍ ڪلاڪ کانپوءِ.	یعنی ڈیڑھ گھنٹے بعد.
اوهان موٽي ڪڏهن ويندا؟	آپ واپس کب جاؤ گے ؟
مان خبرون ٻڌي پوءِ ويندس !	میں خبریں سننے کے بعد جاؤں گا !
